هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

22-September-2016



مڪي ۽ مديني جون برڪتون

(SINDHI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# مڪي ۽ مديني جون برڪتون

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُولَ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

نبي ڪريمﷺ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: جڏهن جُمعرات جو ڏينهن ايندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ملائڪن کي موڪليندو آهي جن وٽ چاندي جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن اُهي خميس ۽ جُمعي جي رات مون تي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهڻ وارن جا نالا لکندا آهن. (1)

پڑھتا رہوں کثرت سے دُرُود اُن پہ سَدا میں
اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے

(وسائلِ بخشش، ص۱۱۴)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

1…كنز العمال،كتاب الاذكار،الباب السادس فى الصلاة …الخ ،الجزء۱،۱/۲۵۰، رقم:۲۱۷۴

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** (1) بنا سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا وڄائي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ڪري ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ غريب الوطن حاجي

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”عُيون الحڪايات“حصو پهريون، ص 384 تي هڪ حڪايت نقل آهي، وڌيڪ ڏيان سان ٻڌو ۽ خوش ٿيو: قُطبِ وقت حضرت سَيِدُنا ابواسحاق ابراهيم خَوّاص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مشهور وَلِي الله آهن. اهي هڪ شخص سان پنهنجي ملاقات جو ذڪر ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: مان تقريباً 17 سالن تائين جنگلن ۽ ريگستانن ۾ ڦرندو رهيس ۽ مختلف هنڌن تي پنهنجي رَبّ عَزَّ وَجَلَّ جي عبادت ڪندو رهيس. هنن 17سالن ۾ مون سان جيڪو سڀ کان وڌيڪ عجيب واقعو

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

پيش آيو اهو هي هو جو هڪ ڀيري مون جنگل ۾ هڪ اهڙي شخص کي ڏٺو جنهن جا ٻئي هٿ پير ڪٽيل هئا ۽ اهو ريهڙيون پائي هلي رهيو هو. ان کان علاوه به اهو ڪوڙ سارين مشڪلاتن جو شڪار هو، آئون ان کي ڏسي گهڻو حيران ٿيس ۽ مون کي ان تي ترس اچڻ لڳو، مون ويجهو وڃي ان کي سلام ڪيو، ان منهنجو نالو وٺي جواب ڏنو، ان جي واتان پنهنجو نالو ٻڌي مون کي گهڻي حيرت ٿي، مون ان کان پڇيو: اوهان سان منهنجي اها پهرين ملاقات آهي، پوءِ اوهان کي منهنجي نالي جي خبر ڪيئن پئي؟

اهو چوڻ لڳو:جنهن ذات تو کي مون وٽ آندو آهي، انهي مون کي تنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ڇڏي آهي. مون چيو: اوهان بلڪل دُرست فرمايو، واقعي منهنجو پروردگار عَزَّوَجَلَّ هر شيء تي قادر آهي. پوءِ مون ان کان پڇيو: اوهان ڪٿان کان آيا آهيو ۽ ڪيڏانهن وڃڻ جو ارادو آهي؟ ان چيو: مان بُخارا شهر کان اچي رهيو آهيان ۽ حَرَمَينِ طَيِّبَين ڏانهن وڃي رهيو آهيان. اهو ٻڌي مون کي ويتر حيرانگي ٿي ته ان شخص جا هٿ آهن نه ئي پير، پوءِ اهو بُخارا کان ايستائين ڪيئن پهتو ۽ هاڻي اهو مڪہ مڪرّمہ تائين وڃڻ چاهي ٿو جيڪو هتان کان به ڪافي فاصلي تي آهي، اهو اڪيلو اوستائين ڪيئن پهچندو؟ مان انهن خيالن ۾ گُم حيرت ڀري نگاهن سان ان کي ڏسي رهيو هئس.

ان شخص منهنجي طرف جلال ڀري نگاهه وڌي ۽ چوڻ لڳو: اي ابراهيم! ڇا توکي ان ڳالهه تي تعجب ٿي رهيو آهي ته قادر وقدير پروردگار عَزَّوَجَلَّ مون جهڙي ڪمزور ۽ هلڻ ڦرڻ کان معذور ٻانهي کي ايستائين وٺي آيو، ايترو چوڻ کان پوءِ ان شخص جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ اهو زار و قطار روئڻ لڳو. مون ان کي چيو: اوهان ڪجهه به پريشان نه ٿيو، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت هر شخص سان گڏ آهي ، اهو ڪنهن کي مايوس ناهي ڪندو. پوءِ آئون ان کي اتي ڇڏي اڳتي روانو ٿي ويس، منهنجو به ان سال حج جو ارادو هو، جڏهن مان مڪي شريف پهتس ۽ طواف جي لاءِ خانہ ڪعبہ ۾ حاضر ٿيس ته اهو ڏسي

حيران رهجي ويس تہ اهو ئي اپاهج (يعني معذور) شخص مون کان پهريان خانہ ڪعبہ پهتل هو ۽ زمين تي ريهڙيون پائي طواف ڪرڻ ۾ مشغول هو.
(عيون الحڪاياتحصه اول،ص 384 بتغير قليل)

يا خدا ايسے اسباب پاؤں کاش مکے مدینے میں جاؤں
مجھ کو ارمان حج کا بڑا ہے یا خدا تجھ سے میری دعا ہے

(وسائلِ بخشش، ص۱۳۷)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ جن ماڻهن جا سينہ مڪي ۽ مديني جي محبت سان سرشار هوندا آهن ۽ حَرَمَينِ شَرِيفَين جي حاضري جي تڙپ جن جي دلين ۾ رچيل هوندي آهي تہ وڏي کان وڏي مصيبت ۽ پريشاني بہ انهن جي لاءِ ڪا معنيٰ ناهي رکندي .

اوهان ملاحظہ فرمايو تہ هڪ اللّٰہ وارو حَرَمَينِ طَيبَين جي حاضري جو ايتري قدر شوقين هو جو هٿن پيرن جي بغير، طرح طرح جي تڪليفن ۾ هجڻ جي باوجود بہ اهو الله عَزَّ وَجَلَّ جي رحمت کان مايوس نہ هو، ڇوتہ خدا عَزَّ وَجَلَّ جي ذات تي ڪامل ڀروسو رکڻ وارا مشڪل حالتن ۾ بہ بي سهارا نٿا رهن، بلڪ رحمتِ الٰهي انهن جي دَستْگيري ڪندي آهي، ان ڪري ان الله واري جو جذبو بہ ڪجھ اهڙي قسم جو هو، ان ڪري حاضري جي شوق ۾حَرَمَينِ شَرِيفَين جي زيارت جي لاءِ ديوانگي ۾ ريهڙيون پائي وڃي رهيو هو، ان اللّٰہ واري جي رفتار جو عالم تہ ڏسو تہ جڏهن حضرت سَيدُنا ابراهيم خَوّاص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه طواف جي لاءِ حاضر ٿيا تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويا تہ اهو شخص انهن کان پهريان ئي اتي پهچي طوافِ ڪعبہ ۾ مشغول هو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مڪہ مڪرمہ هجي يا مدينہ طيبہ ٻئي نهايت احترام ۽ تعظيم لائقِ جڳهون آهن، جن جي عظمت ۽ رِفعت ۽ شان ۽ شوڪت جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ مڪي ۽ مديني کي ربّ تعالىٰ جن ظاهري ۽ باطني خوبين سان نوازيو آهي اهي ڪنهن ٻي شهر جي حصي ۾ نہ اچي سگهيون ۽ ائين ڇو نہ هجي جو مڪي شريف ۾ مسلمانن جي عقيدتن جو مرڪز بَيتُ الله شريف موجود آهي ۽ مدينۂ منوَّره ۾ سرورِ عالم،نورِ مجسّم، شاهہ آدم ۽ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روشن مزارِ پُر انوار آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هي اهي مُقَدَّس هنڌ آهن جن جي تعريف ۽ توصيف قراني آيتن ۾ موجود آهي جيئن....

سيپاري 4 سوره آلِ عمران جي آيت نمبر96 ۾ الله تبارڪ ۽ تعالىٰ جو فرمانِ عظمت نشان آهي:

اِنَّ اَوَّلَ بَيْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِیْ بِبَكَّةَ مُبٰرَكًا وَّهُدًى لِّلْعٰلَمِیْنَ ﴿۹۶﴾ (پ۴،آلِ عمران: ۹۶)

ترجَمہ ڪنز الايمان: بيشڪ سڀ کان پهريون گهر جيڪو ماڻهن جِي عبادت لاءِ مقرر ٿيو اُهو آهي جيڪو مَڪي ۾ برڪت وارو ۽ ساري جهان لاءِ رهنما آهي.

صدْرُ الْاَفَاضِل حضرت علّامہ مولانا سَيد مفتي محمد نعيمُ الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن آيت سڳوري جي تحت فرمائن ٿا تہ هن ۾ ٻڌايو ويو تہ سڀ کان پهريون گهر جنهن کي الله تعالىٰ اطاعت ۽عبادت جي لاءِ مقرر ڪيو نماز جو قبلو، حج ۽ طواف جومقام ٻڌايو جنهن ۾ نيڪين جو ثواب وڌيڪ هوندو آهي اهو ڪعبۂ مُعَظَّمه آهي جو شهرِ مکۂ مُعَظَّمه ۾ واقع آهي.

سيپاري 30سُوْرَةُ الْبَلَد جي آيت نمبر2.1 اور3 ۾ ارشادِخداوندي آهي:

لَاۤ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿۱﴾ وَ اَنْتَ حِلٌّۢ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿۲﴾ وَوَالِدٍ وَّمَا وَلَدَ ﴿۳﴾ (پ۳۰:البلد:۱ تا۳)

ترجَمہ ڪنز الايمان: مون کي هن شهر جو قسم جو اي محبوب تون هن شهر ۾ تشريف فرما آهين ۽ تنهنجي پيءُ (ابراهيم) جو قسم ۽ ان جي اولاد جو (جو تون آهين)

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! ٻڌو اوهان تہ مڪہ مڪرمہ جو شان ڪيتري قدر مٿانهون ۽ اعليٰ آهي جو پاڻ اسان جي پياري پروردگار عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پاڪيزه ڪلام قرآنِ ڪريم ۾ هن مقدس شهر جو قسم ارشاد فرمايو، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ پنهنجي اکين ۾ لندن ۽ پيرس ڏسڻ جا خواب سجائڻ جي بدران مڪي مديني جهڙي مقدَّس ۽ بابرڪت مقامات جي زيارت جي تڙپ پنهنجي دل ۾ پيدا ڪيون ۽ رات ڏينهن اتان کان تقسيم ٿيندڙ عطائن، نوازشن ۽ لازوال برڪتن سان پنهنجي خالي جهولين کي ڀرڻ جي لاءِ اتي وڃڻ جو سامان ڪيون.

وہاں پیارا کعبہ یہاں سبز گنبد
وہ مکّہ بھی میٹھا تو پیارا مدینہ
میں مکّے میں جا کر کروں گا طواف اور
نصیب آبِ زم زم مجھے ہو گا پینا

(وسائلِ بخشش مرمم، ص355۔370)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ احاديثِ مبارَڪہ انهن مقدَّس شهرن جي فضيلتن سان مالا مال آهن. اچو! هاڻي اسان پنهنجي سينن ۾ مڪي مديني جي زيارت جو شوق بيدار ڪرڻ جي لاءِ روحانيت ۽ نورانيت سان ڀرپور هنن شهرن جي برڪتن تي مشتمل 2فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا

(1) مڪہ مڪرمہ ۽ مدينۂ منوره کان علاوه ڪو شهر اهڙو ناهي جنهن کي عنقريب دَجّال لتاڙيندو نہ وڃي، جڏهن تہ هنن شهرن جي هر راهہ تي ملائڪ صفون ٻڌي پهرو ڏئي رهيا هوندا، تنهنڪري اهو هڪ دلدلي زمين تي پڙاؤ

ڪندو پوءِ شهرِ مدينه 3 ڀيرا لرزندو ته الله عَزَّوَجَلَّ ڪفر ۽ نفاق۾مبتلا هر شخص کي اتان ڪان ڪڍي ڇڏيندو.(بخاري،ڪتاب فضائل المدينة،باب لايد خل الدجال المدينة ،۶۱۹/۱، حديث: ۱۸۸۱)

(2) جيڪو شخص حج جي ارادي سان نڪري ۽ مري وڃي ان جي لاءِ قيامت تائين حج ڪرڻ واري جو ثواب لکيو ويندو ۽ جيڪو عمري جي ارادي سان نڪري ۽ مري وڃي ان جي لاءِ قيامت تائين عمرو ڪرڻ واري جو ثواب لکيو ويندو ۽ جيڪو جهاد جي ارادي سان نڪري ۽ مري وڃي ته ان جي لاءِ قيامت تائين جهاد ڪرڻ واري جو ثواب لکيو ويندو۔

(الترغيب والترهيب ،ڪتا ب الحج ، باب التر غيب في الحج والعمرة...الخ، ۷۹/۲،رقم:۱۷۱۸)

اے کاش! مدینے میں مجھے موت یوں آئے چوکھٹ پہ تِری سر ہو مِری روح چلی ہو

(وسائلِ بخشش مرمّم، ص۳۱۴)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته الله عَزَّوَجَلَّ مڪي ۽ مديني کي ڪهڙين ڪهڙين خصوصيتن سان نوازيو آهي، دجّال جيڪو سڄي زمين کي لتاڙيندو پر ان کي اها مجال نه هوندي جو پنهنجا ناپاڪ قدم مڪي شريف ۽ مديني شريف ۾ رکي سگهي.

صدرُ الشَّريعه، بدرُ الطَّريقه حضرتِ علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه دَجّال جي باري ۾ فرمائن ٿا ته چاليھ (40) ڏينهن ۾ حرمَينِ طيبين کان سواءِ تمام رُوءِ زمين جو گشت ڪندو. اهو گهڻي تيزي سان سير ڪندو، جيئن بادل جنهن کي هوا اُڏائيندي هجي، ان جو فتنو گهڻو شديد هوندو، هڪ باغ ۽ هڪ باھ ان سان گڏ هوندي، جن جو نالو جنت ۽ دوزخ رکندو، جتي ويندو اهي به ويندا، پر اهو جيڪا ڏسڻ ۾ جنت معلوم ٿيندي اها حقيقت ۾ باھ هوندي ۽ جيڪا جهنّم ڏسڻ ۾ ايندي، اها آرام جي جڳھ هوندي

۽ اهو خدائيءَ جي دعويٰ ڪندو، جيڪو اُن تي ايمان آڻيندو ان کي پنهنجي جنت ۾ وجهندو ۽ جيڪو انڪار ڪندو ان کي جهنم ۾ داخل ڪندو، مُڙدا زنده ڪندو. زمين کي حڪم ڏيندو اها سبزو اُڀائيندي، آسمان تان پاڻي وسائيندو، انهيءَ قسم جا گهڻا شُعبدا (يعني نظر بندي جا تماشا) ڏيکاريندو ۽ حقيقت ۾ اهو سڀ جادو جا ڪرشما هوندا ۽ شيطان جا تماشا، انهيءَ ڪري ان جي اتان ويندي ئي ماڻهن وٽ ڪجهه نـ رهندو. حرمين شريفين ۾ جڏهن وڃڻ چاهيندو، ملائڪ ان جو منهن ڦيري ڇڏيندا. مَدِينَه طَيِبَه ۾ 3 زلزلا ايندا تـ اتي جا ماڻهو جيڪي ظاهري طور مسلمان بڻيا هوندا ۽ دل ۾ ڪافر هوندا ۽ اهي جيڪي علمِ الٰهي ۾ دجّال تي ايمان آڻي ڪافر ٿيڻ وارا آهن، انهن زلزلن جي خوف ڪان شهر مان ٻاهر ڀڄندا ۽ ان جي فتني ۾ مبتلا ٿيندا. (بهار شريعت،حصه اول، 120/1ـ121ملتقطاً) الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي دَجّال جي فتني ڪان محفوظ فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حديثِ پاڪ جي روشني ۾ اهو بـ معلوم ٿيو تـ حج ۽ عمري جي مُبارڪ سفر جي دوران جيڪڏهن ڪنهن کي موت اچي وڃي تـ ان خوش نصيب کي الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان قيامت تائين حج ۽ عمري جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو، ان ڪري اسان کي گهرجي تـ مڪي مديني ۾ مرڻ جي تمنّا دل ۾ پيدا ڪيون ۽ ان جي لاءِ دعائون بـ گهرون، مديني شريف ۾ مرڻ جي ترغيب تـ خود اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي ڏني آهي بلڪ مديني شريف ۾ مرڻ واري خوش نصيب جي لاءِ شفاعت جي خوشخبري بـ عطا فرمائي آهي. جيئن.....

نبي اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مَنِ اسْتَطَاعَ اَنْ يَّمُوتَ بِالْمَدِينَةِ فَلْيَمُتْ بِهَا يعني جيڪو مديني ۾ مري سگهي تـ اهو اتي مري، فَاِنِّي اَشْفَعُ لِمَنْ يَّمُوْتُ بِهَا ڇوتـ مان مديني ۾ مرڻ وارن جي شفاعت ڪندس.

(ترمذي ،ڪتاب المناقب،باب في فضل المدينة،۴۸۳/۵،حديث:۳۹۴۳)

مفسّرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا ته ظاهر اهو آهي ته اها بشارت ۽ هدايت سيني مسلمانن لاءِ آهي ۽ نه رڳو مهاجرن کي يعني جنهن مسلمان جي نيّت مديني پاڪ ۾ مرڻ جي هجي ته اهو اتي ئي مرڻ جي ڪوشش به ڪري ۽ خدا تعالىٰ نصيب ڪري ته اتي ئي قيام ڪري خاص طور تي پوڙهائپ ۾ ۽ بنا ضرورت جي مديني پاڪ کان ٻاهر نه وڃي ته جيئن موت ۽ مدفن به اتان جو ئي نصيب ٿئي.

وڌيڪ فرمائن ٿا: مون ڪيترن ئي ماڻهن کي ڏٺو ته ٽيهه چاليهه سالن کان مديني منوره ۾ آهن ۽ مديني پاڪ جي حدن ۽ ايتري تائين جو مديني شهر کان به ٻاهر ناهن ويندا ۽ ان انديشي سبب ته ڪٿي موت نه اچي وڃي، حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو به اهو ئي دستور رهيو.

وڌيڪ فرمائن ٿا:(حديثِ مبارڪه ۾) شفاعت مان مراد خصوصي شفاعت آهي، گنهگارن جا سڀا گناهه بخشائڻ جي شفاعت ۽ نيڪ ڪارن جا وڌيڪ درجا بلند ڪرڻ جي شفاعت، نه ته حضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي سڄي ئي اُمّت جي شفاعت فرمائيندا. خيال رهي! مديني پاڪ ۾ رهڻ به افضل اتي مرڻ به اعلىٰ ۽ اتي دفن ٿيڻ به بهتر آهي. (مرآۃالمناجیح، ۴/۲۲۲ملتقطاً بتغیرٍ قلیل)

طیبہ میں مرکے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھیں بند سیدھی سڑک یہ شہرِ شَفاعَت نگر کی ہے

(حدائقِ بخشش، ص۲۲۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مديني جي ته ڇا ئي ڳالهه آهي، اهو هميشه کان عاشقن جي دل جي ڌڙڪن بڻيو رهيو آهي، عاشقانِ رسول مديني شريف جو تذڪرو ٻڌندي ئي غمِ مدينه ۾ اشڪبار ٿي ويندا آهن ۽ مديني شريف جي حاضري جي لاءِ تڙپڻ لڳندا آهن، بلڪ يقيناً هزارين عاشقن جي دلي خواهش هوندي ته مديني شريف ۾ پياري آقا، مڪي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

قدمن ۾ موت اچي ۽ چو نہ هجي جو مديني ۾ مرڻ جي ترغيب ۽ فضيلت نہ صرف حديثِ پاڪ ۾ بيان فرمائي وئي آهي بلڪ اميرُ المومنين حضرتِ سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه بہ پنهنجي عمل جي ذريعي اسان کي هن ڳالھ جي تعليم ڏني آهي تہ اسان غُلامانِ رسول، مديني ۾ مرڻ جي آرزو پنهنجي دل ۾ پيدا ڪيون ۽ ان جي لاءِ دُعا بہ گھرون.

حضرت سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه کي مني مني آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيه واٰلِهٖ وسلَّم جي ذات سان ۽ ان سان نسبت رکڻ واري هر شيءِ سان بي حد محبت هئي، خاص ڪري مديني شريف سان تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه کي بي پناھ محبت هئي، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه جي دلي آرزو هئي تہ مون کي موت بہ ان شهر ۾ اچي جتي منهنجا محبوب آقا صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيه واٰلِهٖ وسلَّم آرام فرما آهن تہ جيئن جهڙي طرح جيئري مهل سندن قُرب حاصل رهيو، مرڻ جي بعد بہ اهڙي طرح سندن قُرب نصيب رهي، ان ڪري پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه اها دعا گهرندا هئا: اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنِيْ شَهَادَةً فِي سَبِيْلِكَ وَاجْعَلْ مَوْتِيْ فِي بَلَدِ رَسُولِک صَلَّي اللهُ عَلَيه وَسَلَّم يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ تو مون کي پنهنجي راھ ۾ شهادت نصيب ڪر ۽ پنهنجي رسول صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شهر ۾ موت عطا فرما. (بخاري ،ڪتاب فضائل المدينة، بابڪراهيةالنبي...الخ، ۱/۶۲۲، حديث: ۱۸۹۰)

پوءِ اها دعا قبول ٿي ۽ پاڻرَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه مدينہ منوره ۾ شهادت ماڻي. حضرت سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه جي هن قابلِ رشڪ شهادت جي عظمت بيان ڪندي ۽ ان تي رشڪ جو اظهار ڪندي مُفَسّرِ شَهير،حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه جي دعا اهڙي قبول ٿي جو سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! فجر جي نماز، مسجدِ نَبَوِي، محْرَابُ النّبِي، مصلَّاءِ نبي ۾ شهادت ماڻي.
(مراۃالمناجیح،۴/۲۲۲بتغیر قلیل)

اے کاش مدینے میں مجھے موت یوں آئے چوکھٹ پہ تِری سر ہو مرِی رُوح چلی ہو

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۳۱۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي بزرگانِ دين رَحمَۃُاللّٰہ تَعَالٰی عَلَیھِمۡ اَجۡمَعِین جي زندگي اسان جي لاءِ پيروي ڪرڻ لائق آهي، اهي حضرات مڪي مديني جي سرزمين سان سچي عقيدت ۽ محبت ڪندا هئا، انهن جي محبت جو اندازو هن ڳالهه مان لڳايو جو ڪجهه بزرگن جو هي معمول هو جو اهي ڪنهن ٻي ملڪ يا شهر جا رهائشي هئڻ جي باوجود به مڪه مڪرَّمه جو فيض ۽ برڪتون حاصل ڪرڻ جي غرض سان زندگي جو وڏو حصو ان مقدس شهر جي خوشبودار ۽ خوش گوار فضائن ۾ ساهه کڻي گذاريندا هئا ۽ هر سال استقامت سان بَيتُ الله شريف جي حج جي سعادت سان به فيضياب ٿيندا هئا. جيئن

## مون کي حَرَم شريف وٺي هلو

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 568 صفحن تي مشتمل ڪتاب"ملفوظاتِ اعليٰ حضرت"جي صفحي 198 تي آهي ته (قطبِ مڪه مڪرّمه ) حضرت مولانا عبدالحق اِلٰه آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الهادِي هندستان جا رهاڪو ۽ جليل القدر عالمِ دين هئا. چاليهه سالن کان وڌيڪ مڪي شريف ۾ قيام ڪيو، پابندي سان هر سال حج ڪندا هئا. هڪ سال حج جي زماني ۾ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تمام گهڻو بيمار ٿي پيا، ذوالحِجّةِ الحرام جي نائين (9) تاريخ پنهنجي شاگردن کي چيائون: ”مون کي حرم شريف ڏانهن وٺي هلو.“ ڪجهه ماڻهن کڻي ڪري ڪعبي شريف جي سامهون ويهاريو، زم زم گهرائي پيتائون ۽ دعا گهريائون: ”يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! حج کان محروم نه رک“ انهيءَ وقت موليٰ تعاليٰ اهڙي طاقت عطا فرمائي جو اٿي ڪري پنهنجن پيرن سان عرفات شريف ويا ۽ حج ادا ڪيائون. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت،ص۱۹۸ملخصاً)

دِکھا ہر برس تُو حرم کی بہاریں — تُو مکّہ مدینہ دِکھا یاالٰہی
شَرَف ہر برس حج کا پاؤں خدایا — چلے طَیبہ پھر قافلِہ یاالٰہی

(وسائلِ بخشش مرمّم،ص۱۰۰)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ !ڏسو اوهان ته قطبِ مَڪ مُڪرّم حضرت مولانا عبدُالحق اِلٰه آبادي مهاجر مڪي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا ڪيتري قدر زبردست ولي هئا، باوجود ان جي جو نهايت بيمار آهن ۽ بستر تي تشريف فرما آهن ۽ هلڻ ڦرڻ ڪان عاجز آهن، ڪمزوري حد ڪان وڌيڪ وڌي چڪي آهي پر جيئن ته انهن جو جوش ۽ جذبو جبل ڪان به وڌيڪ مضبوط هو، ۽ حج جي سعادت حاصل ڪرڻ جي تڙپ به پنهنجي عروج تي هئي، جڏهن ته سندن بس اها ئي ڌُن هئي ته

هر سال یاالٰہی مجھے حج نصیب ہو | جب تک جیوں میں عالمِ ناپائیدار میں

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۲۷۴)

ان ڪري جيئن ئي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪي حرمِ ڪعبه ۾ وڃي ويا ته اتي پهچندي ئي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه زمزم شريف پي ڪري رَبّ تعاليٰ جي بارگاهه ۾ پنهنجي تڙپ جو اظهار ڪري ڇڏيو، بس پوءِ ڇا ٿيو، بابِ ڪرم ڪليو، درياءِ رحمت جوش ۾ آيو، انتظار جون گهڙيون ختم ٿيون ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم سان اُنهن ڪي اهڙي قوت نصيب ٿي جو پاڻ پنهنجي پيرن سان هلي عرفات به تشريف وٺي ويا ۽ حج جي سعادت به ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

تُونے مجھ کو حج پہ بُلایا | یااللہ مِری جھولی بھر دے
گردِ کعبہ خوب پِھرایا | یااللہ مِری جھولی بھر دے
میدانِ عَرفات دکھایا | یااللہ مِری جھولی بھر دے
بخش دے ہر حاجی کو خدایا | یااللہ مِری جھولی بھر دے

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۱۲۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان اهو به معلوم ٿيو ته آبِ زم زم اهو برڪت ڀريو پاڻي آهي جنهن ڪي پي ڪري دُعا گهرڻ سان دُعا مقبول ٿيندي آهي، حديثِ پاڪ ۾ دُعا جي قبوليت ڪان علاوه آبِ زم زم جا ٻيا به فائدا ۽ ثمرات بيان ڪيا ويا آهن جيئن ته

نبي اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: آب زم زم هر ان مقصد جي لاءِ آهي، جنهن مقصد جي لاءِ اُن کي پيتو وڃي، جيڪڏهن توهان ان کي شفا جي غرض سان پيئندؤ تہ الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي شفا ڏيندو، جيڪڏهن توهان ان کي پناهہ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پيئندؤ تہ الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي پناهہ عطا ڪندو، جيڪڏهن توهان ان کي پنهنجي اُڃ ختم ڪرڻ جي لاءِ پيئندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي اُڃ پوري ڪندو. (هن حديثِ پاڪ جا راوي بيان ڪن ٿا تہ) حضرت سَيِدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُما جڏهن آبِ زم زم پيئندا هئا تہ اها دعا گهرندا هئا: اَللّٰهُمَّ اِنِّي اَسْئَلُکَ عِلْمًا نَافِعًا وَّرِزْقًا وَّاسِعًا وَّشِفَاءً مِنْ کُلِ دَاءٍ يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ ! مان توکان نفعو ڏيڻ وارو علم، ڪشاده رزق ۽ هر بيماري کان شفا جو سوال ڪيان ٿو.(مستدرک،کتاب المناسک،باب ماء زمزم لماشرب له،۱۳۲/۲،رقم:۱۷۸۲)

يہ زم زم اُس لئے ہے جس لئے اس کو پیئے کوئی
اِسی زم زم میں جنّت ہے اِسی زم زم میں کوثر ہے (ذوقِ نعت،ص۱۶۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سرزمينِ مڪہ کي هڪ نهايت وڏو اعزاز اهو حاصل آهي جو هن مبارڪ سرزمين تي بَيتُ الله شريف جلوه گر آهي، ائين تہ جيڪڏهن مڪي شريف کي صرف اهو هڪ شرف حاصل هجي ها تہ بہ ان جي شان و عظمت جي لاءِ ڪافي هو پر قربان وڃجي جو ان کان علاوه بہ ان پرنور شهر جون فضيلتون ۽ خصوصيتون ايتري قدر گهڻيون آهن جو دل چاهي ٿي، بس بيان ڪندا ۽ ٻڌاندا ئي رهون ڇوتہ هن شهر ۾ جڳهہ جڳهہ پياري آقا،مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن پيارن صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم سان نسبت رکڻ واريون مُقَدَّس ۽ يادگار مسجدون، ڪوهہ غار، تعميرات ۽ مزارون وغيره موجود آهن.

اچو! هاڻي اسان حُصولِ برڪت ۽ نُزولِ رَحمت جي لاءِ مڪي شريف جي

ڪجھ خُصوصيتن جي باري ۾ ٻڌي پنهنجي دل ۾ ان پاڪيزه شهر جي عظمت وڌيڪ وڌائڻ جو سامان ڪيون ٿا جيئن

اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب”عاشقانِ رسول جون 130حڪايتون“ ۾ مڪي شريف جون دلنشين خصوصيتون بيان ڪندي فرمائن ٿا: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪہ مڪرمہ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ۾ پيدا ٿيا ۞ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دينِ اسلام جي تبليغ جو آغاز هتان ڪان فرمايو ۞ ڪعبو پاڪ هتي آهي ۽ انهيءَ جو طواف ڪيو ويندو آهي، ۽ نماز ۾ سڄي دنيا ڪان ان طرف منهن ڪيو ويندو آهي ۞ مسجد الحرام شريف هتي ئي آهي جنهن ۾ هڪ نماز جو ثواب هڪ لک (100,000)نمازن جي برابر آهي ۞ آبِ زم زم جو کوھ ۞ حَجَرِ اَسْوَد ۞ مقام اِبراهيم ۞ ۽ صَفاء مَروَه هتي ئي آهن ۞ ميقات ڪان ٻاهران اچڻ وارا احرام ڪانسواءِ مڪي ۾ داخل نہ ٿا ٿي سگهن ۞ سڄي دنيا مان مسلمان حج جي سعادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هتي ئي حاضر ٿيندا آهن ۞ جيڪو هن پاڪ شهر ۾ داخل ٿي وڃي تہ اهو ماڻهو مامون (يعني محفوظ) ٿي ويندو آهي ۞ ڏينهن جو ٿورو وقت هتي جي گرميءَ تي صبر ڪرڻ واري کي جهنم جي باھ ڪان پري رکيو ويندو آهي ۞ هتي غارِ حِرا آهي جتي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي پهرين وحي نازل ٿي ۞ هتي هر موسم جا ميوا ملن ٿا ۞ معراج ۽ چنڊ جا ٻہ ٽڪرا ٿيڻ وارا معجزا هن ئي شهر ۾ ظاهر ٿيا ۞ دنيا جو سڀ ڪان پهريون جبل هتي ئي واقع آهي ۞ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن پنهنجي ظاهري حيات جا 53 سال هتي گذاريا ۞ حضرت سيدنا اِمام مَهدي جو ظهور مڪة المڪرمہ ۾ ٿيندو. .

(عاشقانِ رسول ڪي 130حڪايات مع مڪے مدينے ڪي زيارتين،ص۲۰۰ بتغيرٍ قليل)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان مڪي شريف جون برڪتون ۽ بزرگن جون هن شهر سان محبتن تي مشتمل واقعا ۽ ٻيا ڪيئي مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. اچو هاڻي اسان عاشقانِ رسول جي دلين جي ڌڙڪن، غم وارن، بي سهارن ۽ ڏکويلن جي اميدن جو مرڪز يعني مديني شريف جون بہ ڪجهہ ڳالهيون ڪيون ٿا، برادرِ اعليٰ حضرت،شهنشاه سُخَن، اُستادِ زَمن حضرت علامہ مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي نعتيہ ديوان"ذوقِ نعت"۾ فرمائن ٿا:

حسن حج کرلیا کعبہ سے آنکھوں نے ضیا پائی　　　چلو دیکھیں وہ بستی جس کا رستہ دل کے اندر ہے

(ذوقِ نعت، ص ۱۶۰)

ها ها اهو ئي مدينو جنهن جو ذِڪر عاشقانِ رسول جي سينن کي سُڪون ۽ اطمينان بخشيندو آهي،جنهن جي زيارت جي لاءِ آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ديوانا بيحد مشتاق رهندا آهن، عاشق جڏهن شهرِ مدينہ يا گنبدِ خضرا جي نور جي ورڪا ڪندڙ منظرن کي تصويرن وغيره ۾ ڏسندا آهن يا ڪنهن جي زباني ان جو تذڪرو ٻڌندا آهن تہ انهن جي حالت غير ٿي ويندي آهي، غمِ مدينہ ۾ انهن جون اکيون اشڪبار ۽ دل اتي جي حاضري جي لاءِ بي قرار ٿي ويندي آهي، جڏهن ان وقت ان جي دل جي فرياد ڪجهہ هن طرح هوندي آهي:

مجھے مدینے کی دو اجازت،　　　نبیِّ رَحمت شفیعِ اُمّت
پلاؤ بُلوا کے جامِ الفت،　　　نبیِّ رَحمت شفیعِ اُمّت
اگر نہیں میری ایسی قسمت،　　　سدا حُضُوری کی پاؤں لذّت
رُلائے مجھ کو تمہاری فُرقت،　　　نبیِّ رَحمت شفیعِ اُمّت
عطا ہو مجھ کو غمِ مدینہ،　　　تپاں جگر چاک چاک سینہ
بڑھے محبت کی خوب شدّت،　　　نبیِّ رَحمت شفیعِ اُمّت

حُسین ابنِ علی کا صدقہ، ہمارے غوثِ جلی کا صدقہ
عطا مدینے میں ہو شہادت، نبیِّ رَحمت شفیعِ اُمّت
ہر اِک نبی ہر ولی کا صدقہ، تجھے تِری ہر گلی کا صدقہ
دے طیبہ میں مرنے کی سعادت، نبیِّ رَحمت شفیعِ اُمّت

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۲۰۷)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مديني شريف جي عظمت ۽ حرمت جي ڇا ئي ڳالھ آهي جو هن مبارڪ شهر ۾ نہ تہ دجال داخل ٿي سگهي ٿو ۽ نہ ئي طاعون جهڙو مُهلڪ مرض، ڇوتہ مديني شريف جي رستن تي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ان جا معصوم ملائڪ مقرَّر آهن جيڪي هر گز هرگز شهرِ مدينہ جي اندر طاعون ۽ دَجال کي داخل نہ ٿيڻ ڏيندا جيئن تہ نبي اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مديني جي راهن تي ملائڪ (پهريدار) آهن، ان ڪري هن ۾ طاعون ۽ دجّال داخل نہ ٿيندا.

(بخاري، ڪتاب فضائل المدينة،باب لا يدخل الدجال المدينة ،۶۱۹/۱،حديث:۱۸۸۰)

طاعون هڪ وبائي بيماري آهي جنهن ۾ بغل يا ران تي ڦوڙو نڪرندو آهن، ان جو زهر ايترو خطرناڪ هوندو آهي جو هن بيماري ۾ مبتلا شخص جي بچڻ جو امڪان نهايت ئي گهٽ هوندو آهي، عموماً ان بيماري ۾ اُلٽيون اچڻ، بيهوشي طاري ٿيڻ ۽ دل جي ڌڙڪن وڌي وڃڻ جو غلبو رهندو آهي، اهو مرض ڀهريان چوهن (يعني ڪوئن) ۾ ڦهلجندو آهي پوءِ انسانن ۾ منتقل ٿي ويندو آهي. (اردو لغت،۵۳/۱۳ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مديني شريف جي عظمت و اهميت جو اندازو هن ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جنهن پياري پياري آقا، مڪي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان اسان بي پناھ محبت ڪيون ٿا، خود اهي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني سان نهايت محبت ڪندا هئا، لهٰذا محبتِ رسول جو تقاضو اهو آهي تہ

اسان نہ نہ صرف مني مديني جي محبت بلڪ مديني جي گهٽين ۽ بازار جي محبت، اتي جي گلشن وڪوهسار جي محبت، اتي جي در و دِيوار جي محبت، اتي جي گل ايستائين جو اتي جي ڪندن جي محبت پنهنجي دل ۾ ساندي رکون، ان جي ياد ۾ تڙپون ۽ اتي جي با آدب حاضري جي نہ صرف آرزو ڪيون بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ کان ان جون دُعائون بہ گهرون.

غريب جائے کہاں يارب تڑپتی رُوح کو لے کر
تجھے محبوب کا صدقہ تُو پہنچا دے مدینے میں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

ياد رکو! محبت جي هڪ نشاني اها بہ آهي تہ جنهن سان محبت ڪئي وڃي، ان سان نسبت رکڻ واري شين سان بہ محبت ڪئي وڃي ۽ بالخصوص جنهن سان محبوب کي محبت هجي، ان کان تہ انتهائي محبت ۽ عقيدت رکي وڃي، حضورِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مديني جي سرزمين سان ڪيتري قدر محبت هئي ان جو اندازو هن ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ

پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن بہ مديني کان ٻاهر سفر لاءِ ويندا هئا تہ واپسي تي مديني جا در و ديوار ڏسندي ئي جلد کان جلد اتي قدم رنجا فرمائڻ جي ڪوششون ڪندا هئا.حديثِ پاڪ ۾ آهي :

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن سفر تان ايندا هئا ۽ مدينہ پاڪ جي ديوارن کي ڏسندا هئا تہ مديني سان محبت جي وجہ سان پنهنجي سواري کي تيز ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن گهوڙي تي هوندا هئا تہ ان کي (پير جي) ڪڙي لڳائيندا هئا. (بخاري ،ڪتاب فضائل المدينه،١١-باب ،١/٦٢٠،حديث:١٨٨٦)

مُفَسِّرِ شَهير، حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا تہ حضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مدينو پاڪ ايترو پيارو

هو جو هر سفر تان واپسي ۾ ائين ته معمولي رفتار سان جانور هلائنيدا هئا پر مديني پاڪ کي ڏسندي ئي اتي جلد پهچڻ جي لاءِ سواري تيز ڪندا هئا، انهيءَ محبت جو اثر آهي جو مسلمان مديني تي دل و جان سان فِدا آهن ڇوته اهو محبوب جو محبوب آهي. (مرآة المناجيح،۲۱۹/۴)

مدینہ اس لیے عطّار جان ودِل سے ہے پیارا
کہ رہتے ہیں مرے آقا مرے سرور مدینے میں (وسائلِ بخشش مرمم، ص283)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدني قافلو"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مڪي مديني جي برڪتن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن مان ماهوار هڪ مدني ڪم "مدني قافله" به آهي. عموماً دعوتِ اسلامي جا مدني قافلا مسجدن ۾ ترسندا آهن ۽ مسجد ۾ عبادت جي نيت سان ترسڻ وارن جي ته ڇا ئي ڳالهه آهي جو حديثِ پاڪ ۾ان خوش نصيب جي باري ۾ ٽي(3) ڳالهيون ارشاد فرمايون ويون(1)ان مان فائدو حاصل ڪيو ويندو آهي (2) يا اهو حڪمت ڀريو ڪلام ڪندو آهي (3) يا رحمت جو منتظر هوندو آهي. (الترغيب والترهيب،ڪتاب الصلوة،باب الترغيب في لزوم المساجد...الخ،۱۶۹/۱،رقم:۵۰۳ ماخوذاً)

اچو! ترغيب طور مدني قافلي جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## شرابي سُڌري ويو

هند جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي کان پهريان شراب نوشي، عَياشي ۽ شورشرابو ڪرڻ، گاريون ڏيڻ، والدين ۽ پاڙي وارن کي تنگ ڪرڻ، جُوا کيڏڻ منهنجو معمول هو. هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي جي هڪ ذِمّيدار اسلامي ڀاءُ اِنفرادي ڪوشش

ڪندي مون کي مدني قافلي ۾ سَفَر ڪرڻ جي ترغيب ڏياري.ان جي ترغيب سبب مان 3 ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافِر بڻجي ويس. مدني قافلي جي برڪت سان آئون گناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪري نمازن جي پابندي ڪرڻ وارو، صداء مدينہ لڳائڻ وارو ۽ ٻين کي مدني قافلن جو مسافِر بنائڻ وارو بڻجي ويس .

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي اِنفرادي ڪوشش سان هينئر تائين 30 اسلامي ڀائر مدني قافلن جا مسافِر بڻجي چڪا آهن. هي لکڻ وقت مان هڪ مسجد ۾ مؤذِّن آهيان ۽ خُوب مدني ڪمن جون ڌومون مچائي رهيو آهيان.

بخت کھل جائیں گے ، قافِلے میں چلو　　جُرم دُھل جائیں گے، قافِلے میں چلو

(غیبت کی تباہ کاریاں، ص۳۲۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مديني شريف جي عظمتن ۽ برڪتن کي بيان ڪندي هڪ ڀيري نبي ڪريم ،رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون کي هڪ اهڙي بستيءَ ڏانهن هجرت جو حڪم ٿيو جيڪا سيني وسندين کي کائي ويندي. (يعني سيني تي غالب ٿي ويندي) ماڻهو ان کي ”يثرب“ چوندا آهن حالانڪ اها مدينو آهي، (اها وسندي) ماڻهن کي ائين پاڪ ۽ صاف ڪندي جيئن ڀٺي لوهہ جي ميراڻ کي. (مشکاۃ المصابیح،کتاب المناسک،باب حرم المدینۃ...الخ، ۵۰۹/۲، حدیث: ۲۷۳۷)

مُفسّرِ شهير، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن حديث سڳوري جي شرح ڪندي فرمائن ٿا: کائي ويندي جي معني اها آهي تہ هتي جا ماڻهو سيني ملڪن کي فتح ڪندا ۽ انهن جو مال ۽ خزانا مديني ۾ پهچي ويندا. پوءِ ائين ئي ٿيو جو شام، فارس ۽ رُوم جا خزانا مديني پهتا (وڌيڪ فرمائن ٿا ته) مدينہ منوره جا نالا سو(100) کان بہ وڌيڪ آهن، طيبہ،طابہ، بطحٰي، مدينہ، اَبْطَح وغيره، هجرت کان پهريان ماڻهو هن کي يثرِب چوندا هئا، ان

ڪري جو هتي قومِ عَمَالِقَه جو پهريون ماڻهو آيو ان جو نالو يثرِب هو. حضرت سَيدُنا امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ جيڪو مدينہ منوره کي يثرب چوي اهو توبہ ڪري،حضرت سَيدُنا امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ جيڪو هڪ ڀيرو ان کي يثرب چوي اهو ڪفاري طور ڏهہ (10) ڀيرا **مدينہ** چوي. صُوفي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن ڪو خبيث اتي مري دفن بہ ٿي وڃي تہ ملائڪ اتان کان ان جي نعش ڪنهن ٻي جڳهہ منتقل ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو اتي جو عاشق ٻي جڳهہ دفن ٿي وڃي تہ ان جي نعش مدينۂ منوره پهچائيندا آهن. (مرآۃُالمناجیح،۴/۲۱۶-۲۱۵ملخصاًوملتقطاً)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل حديثِ پاڪ ۽ ان جي شرح مان معلوم ٿيو تہ جهڙي طرح زنگ آلود لوهہ جيڪڏهن ڀٺي ۾ وڌو وڃي، پوءِ مقرر ٿيل وقت تي ان کي ڪڍيو وڃي تہ ان تي مَر مِٽي جونالو نشان بہ باقي نٿو رهي، اهڙي طرح مدينہ طيبہ بہ پنهنجي پُرڪيف فضائن ۾ اچڻ وارن کي صاف سُٿرو ڪندو آهي، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي پاڪ پروردگار عَزَّ وَجَلَّ کان بار بار اتي وڃڻ بلڪ اتي دفن ٿيڻ جي خيرات طلب ڪندا رهون جو هڪ مسلمان جي لاءِ هن کان وڏي ٻي ڪهڙي سعادت جي ڳالهہ ٿي سگهي ٿي تہ اللهعَزَّ وَجَلَّ ان کي پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبوب شهر يعني مدينہ منوره ۾ موت ۽ هزارين صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي وجودِ مسعود جي فيوض و برڪات سان مالا مال بقيعِ پاڪ ۾ دفن ٿيڻ جي نعمت عطا فرمائي ڇڏي تہ اتي مرڻ ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿيڻ مقدر وارن جو ئي حصو آهي .

نبي ڪريم،رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي تہ (قيامت ۾ جڏهن سيني کي قبرن مان اٿاريو ويندو) سڀ کان پهريان مون کي پوءِ ابو بڪر ۽ عمر (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُمَا) جون قبرون شَق ٿينديون، پوءِ مان جنّت البقيع وارن وٽ ويندس تہ اهي مون سان گڏ جمع ٿيندا، پوءِ مان مڪي وارن جو انتظار ڪندس ايستائين جو حرمينِ شريفين جي وچ ۾ انهن کي بہ پاڻ سان گڏ ڪري

وڃڻ گهرجي. (ترمذي،ابواب المناقب،باب (م:تابع١٧،ت:٥٦) ...الخ، ٣٨٨/٥،حديث:٣٧١٢)

عاشقِ مدينہ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه مديني پاڪ ۾ مرڻ ۽ بقيعِ پاڪ ۾ دفن ٿيڻ جي جذبات جو اظهار ڪندي پنهنجي نعتيہ ديوان ” وسائل بخشش “ ۾ لکن ٿا تہ

عطا کردو عطا کردو بقیعِ پاک میں مدفن | مری بن جائے تُربت یاشہِ کوثر مدینے میں

(وسائلِ بخشش مرمم،ص ٢٨٣)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حديثِ پاڪ مان اسان کي اهو مدني گل بہ حاصل ٿيو تہ مديني شريف کي يثرِب چوڻ منع آهي، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان اهي لفظ چوڻ ۽ لکڻ کان بچون. افسوس جو هاڻي جهالت جو دور آهي، ڪجهہ نادان مسلمان علمِ دين کان دُوري جي ڪري مديني پاڪ جو ذڪرِ خير ڪرڻ جي لاءِ قرآن ۽ حديث ۾ بيان ڪيل نالن جي بدران لفظِ يثرِب لکن ۽ پڙهن ٿا، حالانڪ لفظِ يثرِب پنهنجي معني جي اعتبار سان ڪنهن بہ طرح مديني شريف جي شايانِ شان ناهي، جيئن تہ

مُفَسّرِ شَهير، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا :يثرِب جي معني آهي” مصيبت ۽ آفتن جي جڳهہ“، جيئن تہ پهريان اها جڳهہ وڏين بيمارين واري هئي ان ڪري يثرِب چئي ويندي هئي، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان طَيبَہ يعني صاف ڪيل زمين ٿي وئي هاڻي اها جڳهہ دارُالوَباء (يعني مقامِ مصيبت) جي بدران دارُالشِفاء بڻجي وئي. (مرآة المناجيح،٢٩۴/٦)

عاشقانِ رسول جي لاءِ هن لفظ کان بچڻ جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي جو اسان جي مني مني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پاڪيزه شهر کي يثرب چوڻ کان منع فرمايو آهي جيئن تہ پياري آقا، مڪي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ قَالَ لِلْمَدِيْنَةِ يَثْرِبَ فَكَفَّارَتُهُ اَنْ يَّقُوْلَ الْمَدِيْنَةَ عَشَرَ مَرَّاتٍ يعني جيڪو شخص (غير ارادي طور تي) مديني کي يثرِب چوي تہ ان کي ڪفاّري طور تي ڏهہ (10) ڀيرا مدينو چوڻ

گهرجي. (کنز العمال،کتاب الفضائل،فضائل الامکنة والازمنة،فضائل المدينة...الخ،الجزء۶،۱۲/ ۱۱۶، حديث: ۳۴۹۳۸)

مديني شريف کي يثرِب چوڻ تہ ايتري قدر بُرو آهي جو عُلماء ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام مدينۂ طيبّہ کي يثرِب چوڻ ناجائز ۽ گناہ قرار ڏنو آهي جيئن

اعليٰ حضرت،امامِ اهلسنت مولانا شاہ امام احمدرضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فتاويٰ رضويہ شريف ۾ فرمائن ٿا: فتاويٰ رضويہ جلد 21 صفحي 116 تي آهي: مدينہ طيبہ کي يثرب چوڻ ناجائز، منع ۽ گناہ آهي ۽ چوڻ وارو گنهگار.

رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ جيڪو مديني کي يثرب چوي تہ ان تي توبهہ واجب آهي، مدينو طابہ آهي، مدينو طابہ آهي. علامہ مَناوي (حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتاب ) جامع صغير جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ان حديث مان خبر پئي تہ مديني طيبہ جو يثرب نالو پڪارڻ حرام آهي۽ يثرب چوڻ تي توبهہ جو حڪم فرمايو ويو ۽ توبهہ گناہ ڪان ئي ٿيندي آهي. (فتاويٰ رضويه،۲۱/۱۱۶بتغير قليل)

(وسائلِ بخشش مرمم،ص ۳۱۵)

محفوظ سدا رکھنا شہا! بے اَدَبوں سے
اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪتاب ”عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حرمين شريفين جي برڪتن سان مالامال ٿيڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، اَمِيرِاَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمہ مَوْلانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي تصنيف بنام ”عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون ۽ مکي مديني جون زيارتون“ ڪتاب جو مُطالعو فرمايو. جنهن ۾ پاڻ زائرينِ مدينہ جون51، مشهور عاشقِ رسول بزرگ حضرت سَيدُنا امام مالڪ جون 12، حاجين جون 42، عورتن جون 6، علماء اَهلسنّت جون 17، جنات جون 7 ۽ حيوانات جون 9 عِشق و محبت سان ڀرپور حڪايتون تحرير

ڪيون آهن. تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديةً طلب فرمائي پاڻ بہ پڙهو ۽ وڌيڪ تعداد ۾ حاصل فرمائي ثواب جي نِيت سان مُفت تقسيم بہ ڪيو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽwww.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ(يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ(Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! ذُوالْحِجَّةِ الْحَرَام پنهنجون برڪتون لٽائي رهيو آهي، هي اهي مُبارَڪ ڏينهن آهن جن ۾ لکين خُوش قسمت عازِمينِ حج، حج جي سعادَت ماڻي شهرِ مُصْطَفٰي جي زِيارَت سان لُطْف اَندوز ٿيندا آهن، يقيناً ذِڪرِ مدينہ عاشِقانِ رسول جي دل و جان جي تسڪين جو سبب آهي، عُشّاقِ مدينہ هن جي جُدائي ۾ تڙپندا ۽ زِيارَت جا بيحد مُشتاق رهندا آهن. دُنيا جي جيترين زبانن ۾ جيتري قدَر قصيدا مديني شريف جي جُدائي ۽ اِن جي ديدار جي تمنّا ۾ پڙهيا ويا آهن ايترا دنيا جي ڪنهن بي شهر جي لاءِ ناهن پڙهيا ويا، جنهن کي هڪ ڀيرو بہ مديني جو دِيدار ٿي ويندو آهي، اهو پنهنجو پاڻ کي خُوش قسمت سمجهندو ۽ مديني ۾ گذريل گهڙين کي هميشہ جي لاءِ ياد گار قرار ڏيندو آهي.

اچو! هاڻي اسان عاشقانِ مدينہ جي عشق ۽ مستي سان ڀرپور واقعا ٻڌي پنهنجي دلين ۾ محبتِ مدينہ کي وڌائڻ ۽ ذڪرِ مدينہ سان برڪتون ماڻڻ جي سعادت حاصل ڪيون:

## امامِ مالڪ رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ۽ تعظيمِ خاڪ مدينہ

حضرت سيدنا امام شافعي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الکافي فرمائن ٿا: مون حضرت سيدنا امام مالڪ عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الخالق جي دروازي تي خراسان يا مصر جا گهوڙا ٻڌل ڏٺا ايترا اعليٰ قسم جا گهوڙا مون ڪڏهن بہ نہ ڏٺا هئا. مون عرض ڪيو: اهي گهوڙا ڪيڏا

نہ عمدا آهن؟ فرمايائون: مان اهي سڀ توهان کي تحفي ۾ ڏيان ٿو، مون عرض ڪيو: پنهنجي لاءِ تہ هڪ گهوڙو رکي ڇڏيو. فرمايائون: مون کي الله تعاليٰ کان حياءُ ٿو ٿئي جو ان مبارڪ زمين کي پنهنجي گهوڙي جي پيرن هيٺان لتاڙيان جنهن ۾ الله جا محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما آهن.

(احیاء العلوم،۱/۱۱۴ملخصاً)

ہاں ہاں رہِ مدینہ ہے غافل ذرا تو جاگ
او پاؤں رکھنے والے یہ جا چشم و سر کی ہے

اللہ اکبر! اپنے قدم اور یہ خاکِ پاک
حسرت ملائکہ کو جہاں وَضعِ سَر کی ہے

(حدائقِ بخشش، ص۲۱۷)

شرحِ ڪلامِ رضا: پهرين شعر ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه زائرِ مدينہ کي نصيحت جا مدني گل ڏيندي فرمائن ٿا تہ اي عاشقِ مدينہ! ياد رک! تون ڪنهن معمولي جڳهہ ڏانهن نہ وڃي رهيو آهين بلڪ مديني جي سفر تي وڃي رهيو آهين، تنهنڪري غفلت کي ڇڏ ۽ عشقِ رسول سان سرشار ٿي هل ۽ ياد رک تہ راهِ مدينہ جي عظمت تہ هي آهي جو هن تي پير رکي هلڻ جي بدران اکين ۽ متي پر هلڻ گهرجي.

ٻي شعر ۾ سرزمينِ مدينہ سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ الله اڪبر! اسان جا قدم ان خاڪ پاڪ تي آهن جنهن کي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن شريفن کي چمڻ جي سعادت ملي ۽ جتي ملائڪ بہ پنهنجي متي رکڻ جي حسرت رکندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو سفرِ مدينہ

عاشق ماهِ رسالت، اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مجدد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن پنهنجي ٻئي حج جي سفر ۾ حج جا رڪن ادا ڪرڻ کان پوءِ شديد عليل (يعني سخت بيمار) ٿي پيا، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

فرمائن ٿا: بيماري جي وڌي وڃڻ ڪان وڌيڪ فڪر مون کي سرڪار اعظم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حاضري جو هو. جڏهن بخار کي وڌندي ڏٺو ته مان انهيءَ حالت ۾ حاضريءَ جو ارادو ڪيو. سڀ عالم رحمةُ اللهِ تعالٰي عَلَيهِم منع ڪندا رهيا، پهريان ته اهو فرمايائون: ”حالت توهان جي اهڙي آهي ۽ ڏکيو سفر آهي! (تنهنڪري پنهنجو ارادو بدلي ڇڏيو) مون عرض ڪيو: جيڪڏهن سچ پڇو ته حاضريءَ جو اصل مقصد طيبه جي زيارت آهي ۽ ٻئي ڀيرا ان نيّت سان گهران نڪتو هئس. معاذالله جيڪڏهن اهو نه هجي ته حج جو لطف ئي ناهي. انهن وري روڪيو ۽ منهنجي حالت ياد ڏياري ته مون حديث پڙهي: مَنۡ حَجَّ وَلَمۡ يَزُرۡنِيۡ فَقَدۡ جَفَانِيۡ[1] يعني جنهن حج ڪيو ۽ منهنجي زيارت نه ڪئي ته ان مون سان جفا ڪئي. فرمايائون توهان هڪ دفعو ته زيارت ڪري چڪا آهيو مون چيو ته مون وٽ حديث جو اهو مطلب ناهي ته عمر ۾ ڪيترا به حج ڪجن ۽ زيارت هڪ دفعو ڪافي آهي پر هر حج سان گڏ زيارت ضروري آهي. هاڻي اوهان دعا فرمايو ته مان سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچي وڃان ۽ روضي اقدس تي هڪ نظر پئجي وڃي، پوءِ چاهي ان وقت ئي دم نڪري وڃي.[2]

اُس کے طفیل حج بھی خدا نے کرا دیئے | اصلِ مراد حاضری اس پاک در کی ہے
کعبہ کا نام تک نہ لیا طیبہ ہی کہا | پوچھا تھا ہم سے جس نے کہ نہضَت کدھر کی ہے

(حدائقِ بخشش، ص۲۰۳-۲۰۲)

شرح ڪلامِ رضا: اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي نعتيه ديوان ”حدائقِ بخشش“ ۾ انهن ٻنهي(2) شعرن جي ذريعي پنهنجي ٻنهي ڀيرن جي سفرِ حج جي منظر ڪشي ڪئي آهي. اللهعَزَّ وَجَلَّ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي به (2) ڀيرا حج جي سعادت سان مُشَرَّف فرمايو هو، پهريون حج فرض جڏهن ته ٻيو نفلي هو، جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کان هن مبارڪ سفر جي باري ۾ پڇيو ويندو هو ته

1...كشف الخفاء،حرف الميم،۲/۲۱۸،حديث:۲۴۵۸

2...عاشقانِ رسول کی 130حکایات مع مکے مدینے کی زیارَتیں،ص۱۴۵بتغیر قلیل

ڪٿي جو ارادو آهي تہ اهو نہ فرمائيندا ها تہ بَيتُ الله جي حج جي لاءِ وڃي رهيو آهيان بلڪ فرمائيندا هئا طَيبہَ جي حاضري جو ارادو آهي، مراد هي آهي تہ حج سان منهنجو مقصودِ اصلي درِ رسول جي حاضري آهي جو اهو ئي تہ اهو در آهي جو جنهن جي طفيل الله عَزَّ وَجَلَّ مون کي هڪ نہ بلڪ ٻہ ڀيرا پنهنجي مُقَدَّس گهر جي زيارت جي شرف سان نوازيو آهي .

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## علام ڪاظمي صاحب ۽ مديني جو ڪنڊو

غزاليءِ زمان حضرت علامہ سيّد احمد سعيد ڪاظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: مدينہ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيمًا جي پهرين حاضري جي موقعي تي پير ۾ هڪ ڪنڊو لڳو جنهن جي ڪري سخت تڪليف پئي ٿئي، ڪڍڻ لڳس تہ اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مجدد دين و ملت شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي مديني جي ڪنڊن سان محبت ياد اچي وئي تہ مان اتي ئي ويهي رهيس ۽ پير مان ڪنڊو نہ ڪڍيو پوءِ ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ سور ازخود ختم ٿي ويو.

(انوارِ قطبِ مدينہ، ص۵۳بتغير قليل)

تاجدارِ اهلسنّت، شهزاده اعليٰ حضرت علامہ مولانا مصطفيٰ رضا خان نوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي نعتيہ ديوان"سامانِ بخشش "۾ مدينہ منوره جي ڪنڊن سان عقيدت جو اظهار ڪندي فرمائن ٿا:

نظر میں کیسے سمائیں گے پھول جنت کے  
کہ بس چکے ہیں مدینے کے خار آنکھوں میں

(سامانِ بخشش، ص۱۳۱)

## اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جو سفرِ مدينہ

شيخِ طريقت، اَميرِ اَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه کي ڪيئي ڀيرا سَفَرِ حج ۽ سَفَرِ مدينہ جي سعادت حاصِل ٿي ،جن ۾ مجموعي طور تي جيڪا

ڪيفيت رهي ان ڪي ڪمَا حَقُّه تہ بيان نٿو ڪري سگهجي البت سندن هڪ سَفرِ مدينہ جو مُختَصَر اَحوال پڙهون ٿا...

جڏهن مديني شريف جي طرف سندن روانگي جي مبارَڪ گهڙي آئي تہ ائير پورٽ (Airport) تي عاشقانِ رسول اوهان کي اَلوَداع چوڻ جي لاءِ مَوجود هئا، مديني جي ديوانن اوهان کي حلقي (يعني دائري) ۾ وٺي نعتون پڙهڻ شروع ڪيون. سوزوگُداز پرين نعتن عاشقن جي عشق جي باھ کي ويتر وڌائي ڇڏيو. غمِ مدينہ ۾ اٿڻ وارين آهُن ۽ سِسْڪين سان فَضا سوگُوار تي رهي هئي، خود عاشقِ مدينہ اَميرِ اَهلسنّت جي ڪيفيت وڏي عجيب هئي. اوهان جي اکين مان لڙڪ زاروقطار وهي رهيا هئا پاڻ پنهنجي انهن شعرن جي مِصْداق نَظَر اچي رهيا هئا

آنسوؤں کی لڑی بن رہی ہو اور آہوں سے پھٹتا ہو سینہ
وردِ لب ہو "مدینہ مدینہ" جب چلے سُوئے طیبہ سفینہ

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۱۸۸)

عشق ۽ اُلفت جو اهو نِرالو انداز هر هڪ جي سمجھ ۾ تہ نٿو اچي سگهي جوتہ حاضِري طيبہ جي لاءِ وڃڻ وارا تہ عُموماً خوش ٿيندا هئا، مبارَڪ باد حاصل ڪندي ويندا آهن۽اهو ڪو ناجائز بہ ناهي البت اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِيه پنهنجي ڪلام ۾ اهڙن زائرينِ مدينہ جو مَدَني ذِهن بڻائيندي فرمائن ٿا:

ارے زائرِ مدینہ! تُو خوشی سے ہنس رہا ہے دلِ غمزدہ جو لاتا تو کچھ اَور بات ہوتی

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۳۸۵)

آخِرڪار انهي مديني جي خيال ۾ گم ٿيڻ جي عالَم ۾ سَفرِ مدينہ جو آغاز ٿيو، جيئن جيئن منزِل قريب ايندي رهي، سندن عشق جي شِدّت بہ وڌندي رهي. ان پاڪ سَرزمين تي پهچندي ئي پاڻ جُوتا لاٿا. الله! الله! مِزاجِ عشق

www.dawateislami.net

رسول سان ايتري قدَر جاڻ سڃاڻ رکڻ وارا جو خُود ئي ڪلام ۾ فرمائن ٿا:

پاؤں میں جُوتا اُتارے! محبوب کا کُوچہ ہے یہ ہوش کر تُو ہوش کر غافل! مدینہ آ گیا

اَمِيرِ اَهلِسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اُن پاڪ سَرزمين جي ادب جو ايتري قدَر خيال رکندا هئا جو ١۴٠٦ھ جي سفرِ حج ۾ اوهان جي طبيعت ناساز هئي. سَخت نزلو ٿي ويو، نڪ مان شِدّت سان پاڻي وهي رهيو هو. ان جي باوُجود پاڻ ڪڏهن بہ مديني پاڪ جي سَرزمين تي نڪ نہ سنگهيو بلڪ اوهان جي هر اَدا سان ادب ظاهر ٿيندو هو. جيستائين مَدِينَۀ مُنَوَّرَه ۾ رهيا حتّي الاِمڪان گُنبدِ خضرا ڪي پٺ نہ ٿيڻ ڏنائون. (تعارف امير اهلسنت،ص٣٢تا٣۴ملتقطاً) الغرض ان مبارڪ سفر ۾ جڻ پاڻ هنن شعرن جي عَمَلي تصوير بڻيا رهيا:

مدینے کا سَفَر ہے اور میں نَمدِیدہ نَمدِیدہ جَبِیں اَفسُردہ اَفسُردہ بدن لرزیدہ لرزیدہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس حج ۽ عمره

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان گهڻا خوش نصيب آهيون جو الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي دعوتِ اِسْلامي جو مدَني ماحول عطا فرمايو، اللهعَزَّوَجَلَّ جي فَضَل ۽ ڪرم سان دعوتِ اِسلامي تبليغ دين جي 100 کان وڌيڪ شُعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروف آهي، اِنهن شُعبَن مان هڪ شُعبو ”مجلسِ حج ۽ عُمره“ بہ آهي جيڪوحج ۽ عُمري جي لاءِ وڃڻ وارن اِسلامي ڀائرن ۽ اِسلامي ڀينرن جي باقاعده تَربِيت ڪرڻ، اُنهن کي بارگاه خُداوَندي ۽ بارگاه مُصْطَفَوِي جا آداب ۽ ضروري مسئلا سکائڻ جي لاءِ قائم ڪئي وئي آهي. هن مجلس ۾ شامل تَربِيت يافتہ مبلغ اِسلامي ڀائر هر سال حج جي مَوسمِ بهار ۾ حاجي ڪيمپن ۾ وڃي حاجين جي تَربِيَت ڪندا آهن جڏهن تہ مُبَلّغات اِسلامي

پينرون حَاجياڻين جون تَرْبِيت ڪنديون آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مجلس جي تَحت حج ۽ زيارتِ مدينہ جي لاءِ مڪي مديني وڃڻ وارن ڪي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي تحرير ڪيل ڪتاب ”رَفِيقُ الْحَرَمَين “۽ ”رَفِيقُ الْمُعْتَمِرِين“بہ تحفةً پيش ڪيا ويندا آهن تہ جيئن الله عَزَّوَجَلَّ جي گهر جا مهمان ۽ حبيبِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا عاشق هن عِبادت کي اَحْسَن طريقي سان بَجا آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچو! هاڻي اسان حُصولِ برڪت ۽ نُزولِ رَحمت جي لاءِ مديني شريف جون بہ ڪجهہ خُصوصيتن جي باري ۾ ٻڌي پنهنجي دل ۾ ان پاڪيزه شهر جي عظمت وڏيڪ وڌائڻ جو سامان ڪيون ٿا جيئن تہ

۞ سڄي زمين ۾ڪو بہ اهڙو شهر ناهي جنهن جا مبارڪ نالا ايتري گهڻي تعداد ۾ هجن، جيترا مدينةُ المُنوّره جا نالا آهن. ڪن عالمن 100 تائين نالا لکيا آهن ۞ مدينة المنوره اهڙو شهر آهي جنهن جي محبت ۽ هِجر و فُرقت بابت دنيا ۾ سڀ ڪان وڌيڪ زبانن ۾ سڀ ڪان وڌيڪ تعداد ۾ قصيدا لکيا ويا آهن ۽ لکيا پيا وڃن ۞ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب، حبيب لبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ڏانهن هجرت ڪئي ۽ هتي ئي قيام پذير رهيا ۞ الله تعالٰي ان جو نالو طابہ رکيو ۞ سرڪار عالي وقار، مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن سفر ڪان واپس تشريف ڪٺي ايندا هئا ۽ مديني پاڪ جي ويجهو پهچندا هئا تہ شوق ۽ محبت ۾ پنهنجي سواريءَ کي تيز ڪندا هئا ۞ مدينة المنوره ۾ آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قلب مبارڪ کي سڪون ملندو هو ۞ هتان جي مٽي ۽ دز پنهنجي نوراني چهري تان هٽائيندا نہ هئا ۽ اصحابي سڳورن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي بہ ان ڪان منع فرمائيندا هئا ۽ ارشاد فرمائيندا هئا: مديني جي خاڪ ۾ شفا آهي. (جذب القلوب ص 22) ۞ جڏهن ڪو بہ مسلمان زيارت جي نيّت سان مدينة المنوره ايندو آهي تہ فرشتا رحمت جي تحفن سان ان جو استقبال ڪندا آهن. (جذب القلوب ص 211) ۞ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن مدينة المنوره ۾ مرڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي ۞ هتي مرڻ واري جي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شفاعت فرمائيندا ۞ جيڪو وضو ڪري اچي ۽ مسجد نبوي شريف ۾ نماز ادا ڪري تہ ان کي حج جو ثواب ملندو آهي ۞ حُجره مبارڪ ۽ منبر منور جي وچ واري جاءِ **رِياضُ الجَنّت** يعني جنّت جي باغن منجهان هڪ باغ (يعني جنت جو باغيچو) آهي ۞ مسجد نبوي شريف ۾ هڪ نماز پڙهڻ پنجاه هزار نمازن جي برابر آهي. (ابن ماجہ ج 2 ص 176 حديث 1413) ۞ مدينة المنوره جي سر زمين تي حضور اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزارِ پُر انوار آهي جتي صبح ۽ شام ستر ستر هزار ملائڪ حاضر ٿيندا آهن

(عاشقانِ رسول ڪي130 حڪايات مع مڪے مدينے ڪي زيارتيں،ص۲۵۹تا۲۶۲ملتقطاً)

رہیں اُن کے جلوے بسیں اُن کے جلوے
مرا دل بنے یادگارِ مدینہ

(ذوقِ نعت، ص ۱۳۱)

## بَيان جو خُلاصو:

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان ٻڌو تہ:

- مڪي مديني کي الله عَزَّوَجَلَّ گهڻين ئي خصوصيتن سان آراستہ ڪيو آهي.
- مڪو ۽ مدينو اهي مقدس ترين شهر آهن جو جن جو ذڪرِ خير رَبّ تعاليٰ قرآنِ ڪريم ۾ فرمايو ۽ هڪ مقام تي شهر مڪ جو قسم بہ ارشاد فرمايو.
- مديني ۾ مرڻ واري خوش نصيبن جي لاءِ حديثِ پاڪ ۾ شفاعت جي خوشخبري بيان فرمائي وئي آهي.
- جڏهن سفر تان واپسي تي مديني شريف ۾ مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد ٿيندي هئي تہ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم محبتِ مدينہ جي سبب پنهنجي سواري جي رفتار تيز ڪري ڇڏيندا هئا.

❖ خليفہ ثاني امير المؤمنين حضرت سَيِدُنا فاروقِ اعظم رَضِي الله تَعَالٰی عَنْه مديني شريف ۾ شهادت جي دُعا گهرندا هئا.

❖ مدينہ منوره طاعُون جي بيماري کان محفوظ رهندو.

❖ مکو ۽ مدينو دجال جي فتني کان محفوظ رهندا.

❖ مدينہ منوره اهڙي نرالي بڻي آهي جيڪا ماڻهن کي پاڪ ۽ صاف ڪندي آهي.

❖ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِمْ اَجْمَعِين مدينۂ منوره کي يثرب چوڻ گناه ۽ حرام قرار ڏنو آهي.

❖ مديني شريف کي يثرب چوڻ واري جي لاءِ حديثِ پاڪ ۾ ڪفاري جي طور تي ڏهه (10) ڀيرا مدينہ چوڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

الله تعاليٰ حاجين ۽ عمرو ڪرڻ وارن جي طفيل اسان کي بہ بار بار پيارو پيارو مکو ۽ منو منو مدينو ڏيکاري. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو !** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

ان کی سنّت کا جو آئینہ دار ہے
بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے

---

[1] ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵

www.dawateislami.net

## سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت، اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَه جي رسالي ”101 مَدَني گل“مان سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. فرمان مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ھے: ✽ ”سيني سرمن مان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو“. [1] ✽ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروهه آهي ۽ زينت جو ارادو نه هجي ته ڪراهت ناهي. [2] ✽سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي. [3] ✽ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻه، (3) ته ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻه ٻه ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. [4] اهڙي طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو. تعظيم جا جيترا به ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتين ۽ آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

---

1...ابن ماجه، ۴/۱۱۵،حديث:۳۴۹۷

2...فتاویٰہندیة، ۵/۳۵۹

3...مرآةالمناجيح ،۶/۱۸۰

4...شُعَبُ الْاِيمان ، ۵/۲۱۸-۲۱۹

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو
پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنّتیں سیکھنے، تین دن کے لیے
ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۲۶۹-۲۷۰)

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. [1]

### (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

www.dawateislami.net

بينل هو تو ويهڻ ڪان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ ڪان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(1)

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(2)

### (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِى ڪن بُزرگن ڪان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(3)

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

2...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

3...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

www.dawateislami.net

پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللّٰهُ تَعَالٰي عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[3] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net